ڈاڪٽر جاويد احمد شيخ

امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ ۾ تشبيهه نگاري

Abstract:

Use of similes in the poetry of Imdad Hussaini

The prose and poetry of any language gets its beauty, quality, focus and importance from its prevalent proverbs, maxims, idioms, sayings quotations and the usage of figures of speech. Proverbs and the wise sayings are fountain of youth for poetry as well as prose. Such a prose and poetry is eternal which is synthesized by expressions. The Sindhi literature whether it is folk literature remains valid due to its beautiful, old or new, domestic or foreign proverbs and maxims.

Because the life and development of language is conditional in this process.

There is abundant and graceful use the similes in the poetry of Imdad Hussaini. There usage decorate and beautify his poetry and it has become the center of attention. Imdad Hussaini has elegantly used the prevalent local and universal similes in his poetry. Imdad hussaini born on 10march at TIKHUR district HyderAbad ،and died on 27agust 2022at Karachi. He awarded presidential award 2003.Before taking a review of the usage of similes in Imdad Hussaini's poetry, It is important to explain the SIMLIES.

’**بياني علم**‘ جي اصطلاح موجب نثر يا نظم ۾ هڪ شيءِ جِي ٻيءَ شيءِ سان مشابهت / پيٽ ڪرڻ کي تشبيهه چئبو آهي. ڪنهن هڪ شيءِ جي خاصيت، گُڻ وغيره ۽ ڪڏهن ڪڏهن اوگُڻ يا اَخاصيتن کي بہ ڏيکارڻ لاءِ تشبيهه جو سهارو ورتو ويندو آهي. تشبيهه / پيٽ ڪرڻ وارو اصطلاحي علم اسان کي، اسان جا اُستاد پرائمري درجن کان ئي سيکارڻ شروع ڪندا آهن. تشبيهه جي استعمال جي خبر هِن طرح پئجي سگهي ٿي، تہ جنهن جملي، فقري يا شعري اسم ۾ گهٽي ياگُي وانگر، وانگي، وانگيان، جهڙو، جهڙي، جهڙا، جيئن، جيان، جِڻ، طرح ۽ مثل وغيره مان ڪو بہ هِڪڙو لفظ استعمال ڪيل هُجي، تہ سمجهي وجِڻ گهرجي، تہ ليڪڪ / شاعر هن نثر يا نظم ۾ تشبيهه نگاريءَ جو فني فائدو ورتو آهي. تشبيهه نگاريءَ سان ڪنهن بہ لکڻيءَ يا شعر کي چار چنڊ لڳي ٿا وجن ۽ اهڙيون لکڻيون ۽ شعري سُخن فڪري توڙي جمالياتي حوالي سان ڪلاسڪ درجي ماڻڻ واري درجي ۾ شامل ٿي وجن ٿا. انگريزي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ هِن Term کي هِن طرح واضح ڪيو ويو آهي:

“Simile (Ineuter of simile ‘like’) A figure of speech in which on thing is linked to an other, in such away as to clarify and enhance an image. It is an explicit Comparison (as apposed to the metaphor, qv, where the comparison is implicit) recognizable by the use of the words ‘like’ or ‘as.’ It is equally common in prose and verse and a figurative device of great antiquity.”(1)

ترجمو : (تشبيهه اظهار جو اهڙو انداز آهي، جنهن ذريعي هڪ شئي کي ٻي شئي سان جوڙي، اُن جي تصور کي واضح ڪيو ۽ وڌايو وڃي ٿو .هيءَ هڪ ظاهري تشبيهه آهي، جڏهن تہ استعارو هڪ ڳُجهي)اشارتًا (تشبيهه آهي. جنهن ۾ جيئن، وانگر، جهڙي وغيره جا لفظ استعمال نہ ٿا ڪيا وجن. هن جو استعمال نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ عام آهي ۽ قديم دور کان اظهار جو هڪ سُنو ذريعو سمجهيو وڃي ٿو.

بياني علم جي هن گهٽي استعمال ٿيندڙ اصطلاح کي سوَلائيءَ سان سمجهڻ لاءِ سنڌي، اُردو ۽ انگريزي ٻولين جا چند مثال هِت پيش ڪجن ٿا، جن مان تشبيهه نگاريءَ جا عڪس چٽا نظر اچن ٿا.

(1) 'مشرف جو لهجو اهڙو زهريلو آهي، جهڙو نانگ جو ڏنگ.'

(2) 'امداد حُسيني ۽ ادل سُومري جا اکر موتين جهڙا سُهٽا آهن.'

(3) 'وصي شاهه کا شعري اسلوب احمد فراز کي شعري اسلوب جيسا عمده اور ميچوئر هرگز نهين هي.'

(4) 'اهڙو ڪارو جهڙو ڪانءُ'(As black as crow.)

(5) 'هُوءَ اهڙي خوبصورت آهي جهڙو چند' (She is as beutiful as moon.)

مٿي ٽن ٻولين جا مثال ان ڪري ڏنا ويا، ته جيئن عام پڙهندڙ گفتگوءَ توڙي لکت جي هِن عِلم کي باآساني ۽ جلدي سمجهي سگهي. تشبيهه نگاري نهايت خوبصورت ۽ دلچسپ فني اصطلاح آهي، جنهن کي عام توڙي خاص ماڻهو اڪثر پنهنجي گفتگوءَ دوران يا پنهنجي لکڻين يا شاعريءَ ۾ وافر استعمال ڪندا رهندا آهن .سنڌي لوڪ شاعريءَ کان ڪلاسيڪل ۽ ڪلاسيڪل کان نيم ڪلاسيڪل ۽ جديد سنڌي شعر و ادب تائينءَ جي جُملي تخليقن ۽ تحريرن ۾ تشبيهن جو فني جمال موجُود آهي، جنهن جو استعمال روزمره جي ڪمن ڪارين دوران ڪيل ڳالهه ٻولهه ۾ بي ساختو ٿي ويندو آهي. هِن اصطلاح کي اُردو ٻوليءَ وارا ڪهڙيءَ ريت Define ڪن ٿا .ان تي روشني وِجهون ٿا.

"یہ علم بیان کی ایک شاخ ہے جس کا مطلب ہے دو اشیاء میں مشابہت تلاش کرنا۔ ایک ہی مضمون کو مختلف طریقوں اور قرینوں سے بیان کرنے کے لئے کچھ قاعدے اور ضابطے وضع کئے گئے ہیں۔ ان قرینوں میں ایک قرینہ تشبیہ کا بھی ہے۔ اس کا تعلق علمِ بیان کے خاندان سے ہے۔ 'تشبیہ' انسانی کلام کی ایسی خصوصیت ہے جو کائنات کے مشابھتی رشتوں کو تلاش کرتی ہے۔ اسی کا مدعا اس دنیا کے تفرقوں میں وسیع تر ہم آہنگی کا اثبات ہے۔'تشبیہ'میں ایک چیز کو ایک یا ایک سے زیادہ مشترک خصوصیات کی بناء پر دوسری کے مانند قرار دیا جاتا ہے اور اس طرح پہلی چیز کی اہمیت یا شدت کو واضح کیا جاتا ہے۔" (۲)

هيستائين تشبيهه نگاريءَ جي معنيٰ مراد، فن ۽ حُسن تي سير حاصل بحث ڪرڻ ڪان پوءِ، اهو چئي سگهجي ٿو، ته تشبيهون هاڪاري ناڪاري روين، صفتن يا ٻنهي حالتن ۾ استعمال ڪيون آهن .ڪڏهن ڪنهن جي خوبيءَ کي ته بعضي ڪنهن جي خاميءَ کي مشابهت ڏئي پيش ڪيو ويندو آهي. ٽلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو ته تشبيهن جو استعمال نثري، نظمي عبارتن يا گفتگوءَ ۾ دلچسپي، دلڪشي ۽ دانائيءَ جا رنگ پري ٿو. "جنهن موجب ان شيءِ جو عڪس وڌايل نظر اچي ۽ هيءَ به حقيقت آهي ته تشبيهون وقتي ٽيندیون آهن، پر پنهنجي روپ سروپ ۽ رنگت ڪري، وڌيڪ پُرڪشش ۽ موهيندڙ هُوندیون آهن."(3)

ان کان اڳ جو امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ ۾ انهيءَ اصطلاح جي استعمال جو جائزو ونڻون، اُردو ٻوليءَ جي ضخيم لُغت فيروزاللغات لفظ' تشبيهه 'جي لُغوي معنيٰ ڪهڙي ٿي ڏسي، اها پيش ڪجي ٿي.

"تشبیہ) – تش – بیہ] (ع – ا – مث [مشابہت دینا۔ تمثیل۔ ایک چیز کو دوسری چیز کے مانند ٹھہرانا۔ جمع تشبیہات۔"(۴)

امداد حُسيني سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ پاسائين، معروف، مشهور ۽ سينيئر ترين علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيت جو نالو آهي. سندس سُجاڻپ جا ڪوڙ سارا حوالا آهن، پر انهن مان جيڪو جاندار حوالو سيني کان وڌيڪ سُهڻو، سيبتو ۽ گڻائتو آهي، اُهو آهي امداد حُسيني بحيثيت شاعر .امداد حُسيني نه رڳو گذريل وقت جو پر حاضر دؤر جو به سنڌي ٻوليءَ جو جديد ترين ۽ تجربيڪار شاعر آهي. هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ هر قسم جي نواڻ ۽ جدت پيدا ڪرڻ جي پرپُور ڪوشش ڪئي آهي. سندس شاعري سهس روپي ۽ سهس رنگي آهي. هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي رنگ پريا آهن اُنهن جو تعداد تمام گهڻو ۽ گنج آهي ۽

هيءُ وڏو وسيع موضوع آهي. پر هتي انهن انمول ۽ اڻ مٽ رنگن مان فقط هڪڙو رنگ ’ امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ ۾ تشبيهات نگاريءَ جو جائزو ‘پيش ڪريون ٿا .هُن جي شاعريءَ ۾ استعارن ۽ تشبيهن جي ايتري خوبصورت ۽ فڪري ڪهڪشان نظر اچي ٿي، جو هُوند رات جو آسمان کي تڪڙ بدران امداد جي شعري اُفق ۾ اکيون وِجهي ادبي دنيا جو تخيلي سير ڪجي ته دل وندرائجي وڃي. هاڻ سندس پهرئين شعري مجمُوعي ’امداد آهي رول ‘۾ مستعمل تشبيهن جي تصوير ڪشي ڪجي ٿي.

آزاد نظم ’رات پويين پهر ۾‘ جو ’امداد آهي رول‘ جي پهرئين ڇاپي ۾’ حمد ‘عنوان رکيل هو، مگر ٻئي ڇاپي ۾ عنوان جي تبديلي ڪئي وئي، جنهن ۾’ننڊ کي موت‘ سان تشبيهه ڏني وئي آهي. هِن قسم جي پيٽ لکٽين ۾ عام جام ڏني ويندي آهي، پر هن نظم جو خيال ۽ پيشڪش نڪور آهي.

آتما پرماتما
روشنيءَ کان بي خبر
موت جهڙي ننڊ ۾
سيئي سپنن ۾ مگن
پيا اُٺن پنهنجو ڪفن![5]

’اهڙي ڪهڙي ڳالهه هُئي ‘عنوان وارن پنجن غزلن مان غزل نمبر چوٿين ۾ ٻن تشبيهن جو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾’ صورت کي مورت ‘سان ۽ ٻئي هنڌ ٻن جانين) تنهنجي منهنجي (کي ماٽيلي ماءُ سان پيٽيو ويو آهي. ماٽيلي ماءُ جو نالو ڪڍندي ئي ناانصافيون، فرق / استحصال ۽ بہ اکيون ڪرڻ جهڙا اصطلاح ذهن اڳيان قِرڻ لڳندا آهن .شعر ۾ ماٽيلي ماءُ واري تشبيهه نئين دور جي آهي.

عُمر سڄي وِسري نہ سگهي
هڪ صورت مورت جهڙي
تنهنجي ۽ منهنجي جندڙي
ڇڻ ماءُ هُئي ماٽيلي. [6]

’اي سُريلي!‘ نالي نظم ۾ بہ امداد حُسينيءَ هڪ جاءِ تي هڪ سُهٽي ۽ جديد تشبيهه جو استعمال ڪيو آهي، جيڪا منفرد محسوس ٿئي ٿي. هُن ’ڏينهن کي واچوڙي‘ سان پيٽ ڏني آهي. واچوڙي جو تصور ڪندي ئي دز ڏوڙ ۽ متي اُڏامندي محسوس ٿئي ٿي، جيڪو گهر، گهٽيون گدليون ڪري ويندو آهي. نظم ۾ مستعمل تشبيهه بلڪُل نئين، نڪور، نرالي آهي.

ڏينهن هر شهر ۾ واچوڙي جيان آيو ٿي
درد جي ڏوڙ ۾ دل پنهنجي وئي ٿي لڌجي.[7]

آزاد نظم ’ ايڪيهين صديءَ ‘۾ هڪ ٻٽي ۽ هڪ هيڪوٽي تشبيهه جو استعمال ڪيو ويو آهي. هِن نظم ’ايڪهين صديءَ ‘۾ جُملي ٿي تشبيهون مستعمل آهن .هڪ هنڌ لائٽر، جيڪو آگوني جي زور تي ٻاري وِسائي سگهبو آهي. انهيءَ لائٽر جي ٻرندڙ شعاع کي ٻريل ڏيئي سان ۽ بند لائٽر يا نہ ٻرندڙ لائٽر کي وِسايل ڏيئي سان پيٽيو ويو آهي ۽ ٽينءَ تشبيهه ۾ دونهين دار جيوَن کي پنهنجي ئي اُڏامندڙ خاڪ سان پيٽيو ويو آهي. آزاد نظم ’ ايڪيهين صديءَ ‘ ۾ لائٽر واري بِي تشبيهه بنهه نئين نڪور آهي ۽ جديد دور جي تقاضائن مطابق آهي:

سگريٽ جيان تو ڏينهن ڏُکي
سگريٽ سان ٿي رات اُجهامي

لائٽر جو شعلو
جيئن کو ڪِتي ڏيو ٻري
جيئن کو ڪتي ڏيو وِسامي
کو ئي آهي جيڪو منهنجي
اندر وينو پچري ڪامي
دونهون دونهون آ جيوَن
جڙ ٿي پنهنجي رک اُڏامي![8]

وضاحت ڪبي هلجي تہ امداد حُسينيءَ پنهنجي پهرئين مجمُوعي ’ امداد آهي رول ‘جي پهرئين چاپي ۾ ’ لائٽر جو شعلو ‘ جي جڳھ تي تيليءَ جو پرڪاش لکيو هو جيڪو نامناسب مشاهدو آهي. تيليءَ جو پرڪاش لائٽر جيئان برندو وِسامندو ناهي. ان حساب سان ڏيئي جي وِسامڙ ۽ برڙ واري تشبيھ بي تُڪي ٿي پوي ٿي، جڏهن تہ ٻئي چاپي ۾ ان جي درستي ڪئي وئي آهي.

’ آ تہ ڪي روح جا دروازا کلن: هير گهلي‘ نظم جو عنوان نج پچ استعاراتي آهي. منجهس ٻہ نڪور تشبيهون استعمال ڪيل آهن، جن مان پهرينءَ ۾ نرڙ جي لِيکُن) گهنجن کي شاعريءَ جي سِڙن سان پيٽي ٿو ۽ ٻي تشبيھ ’بدن کي چٽيل پن سان ‘ ڏني وئي آهي. هنن ٻنهي تشبيهن جو اهو ٻہ ڪمال آهي تہ هي ٻئي مثال تشبيهاتي ٻہ آهن تہ استعاراتي حُسن رکندڙ ٻہ آهن .يعني تشبيھ جي تشبيھ ٻہ، استعاري جو استعارو ٻہ .هِت نثري نظم جو اهو ٽڪرو حاضر آهي، جنهن ۾ منهنجي لکڻ ٻڌائڻ جو مقصد واضح ٿئي ٿو.

لمحي لمحي کان دِنل تنهنجي نرڙ جون ليکون
منهنجي بيمار سڙن وانگي اچن ٿيون اُبري
سال اوري يا پري،
تنهنجو دلدار بدن پَٽ تي پيل هُوندو چٽيل پَن وانگر
آ تہ ڪا رات جي ديوار ڏهي، هجر جي زنجير ٽٽي، آ تہ ڪي روح جا.[9]

’آءٌ روئندو ئي رهيس ‘قطعي جو ڪردار اهڙيءَ طرح روئڻ ٿو چاهي، جيئن ماڪ ڦڙا گلن متان روئي چڙندا آهن .تہ جيئن سندن وجود گلن وانگر ٽڙي پوي، کلي پوي. هن قطعي ۾ تشبيھ جو انداز علامتي آهي. ان جو واضح اشارو ناهي ڪيل تہ آيا مڪ، من يا ڪائي ٻي شيءِ گلن وانگر کلي پوَندي، پر مفهوم اهو ٻُڌائي ٿو تہ عاشق / شاعر جو سارو وجُود گُلن وانگر کلي پوَندو.

آءٌ روئندو ئي رهيس صُورتِ شبنم يارو
صرف هڪ پيرو گُلن وانگي کلڻ جي خاطر
اڻ ڏٺل باهہ ۾ چپ جلندا رهيا، جلندا رهيا
محبت جي ميندي‌ءَ رتي هٿ چُمڻ جي خاطر.[10]

نديڙي آزاد نظم ’ بغاوت ‘ ۾ شاعر بدن کي جام سان مشابهت ڏني آهي، اها ٻہ استعاراتي انداز سان. هيءُ سمُورو نظم پڙهڻ سان لڳندو، هِن نظم جو فڪر ”ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي“ واري لطيفي فڪر سان هڪجهڙائي رکندڙ آهي.

ڪيترا جام جهڙا
گُلابي ۽ چُلڪيل بدن

مان ڇڏي آيو آهيان
ڇڏي آيو آهيان.[11]

'ڏرتيءَ تي مرد ۽ عورت جو پهريون گيت' اُهو آزاد نظم آهي جنهن ۾ به تشبيهون استعمال هيٺ آيون آهن، جن مان اڏ ڪڙيل مڪڙين کي مرڪندڙ دل ۽ جهومندڙ وڻن کي ڪنهن شرابيءَ سان پيٽيو ويو آهي. شرابي مئي پيئندڙ تي جڏهن ڪيف چڙهي ويندا آهن ته جهومڻ لڳندو آهي. خوبصورت خيال تشبيهن جي اوٽ ۾ امداد جي انفراديت جو انداز آهي.

اها ڳالهه ڪهڙي هُئي؟
ها اها ڳالهه ڪهڙي هُئي!
مرڪندڙ مست ٽڏڙين هوائن ٻڌي، باغ ۾
اڏ ڪڙيل مڪڙين کي ٻڌائي
ته دل وانگي مُرڪي پيون
پنهنجي پاسي ۾ بينل وڻن کي ٻڌائي ته جهومي پيا
ڪنهن شرابيءَ جيان.[12]

آزاد نظم ' ڏرتي تو تي دانهيندي '!ڏرتيءَ سان دغا ڪرڻ وارن لاءِ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ سندن ناپاڪ منصُوبا، ارادا، ڪرتُوت ڪين چٽيءَ طرح نظر اچن ٿا .هيءُ پنهنجي وقت جو تمام گهٽو پاپولر ۽ ڳايل ڪلام آهي. هن ۾ قومي جذبي وارو روح ڦوڪيل آهي. هن نظم ۾ بن جڳهين تي بهتر نمونو پيٽ ڪيل آهي. هڪ هنڌ سَڳ کي اهڙيءَ طرح چنندي ڏيکاريو ويو آهي، جيئن نم جي وڻ مان ڏندڙ ڇڪي پَٽي ونبو آهي ۽ ٻئي هنڌ ڏارين کي پنهنجن ڏي سوئر وانگر رومڙ پائيندي ٻڌايو ويو آهي. ٻئي تشبيهون جلالي رنگ واريون آهن بلڪ سارو نظم جلالي پس منظر رکندڙ آهي. ٻئي مثال هِت پيش ڪجن ٿا.

ڇڄ لڄايئي تُڪ هُجئي
ڏرتي وڪڻي ڏن ڳڻيو تو
ڏندڙ پاڻ جيان اوپاپي
ڇڪي هر ڪو سڳ چنيو تو
ڏارين ٻڇ ڪئي، پنهنجن ڏي
رومڙ پاتئي سوئر وانگي.[13]

آزاد نظم، 'رات جاڳي ته' ۾ به هڪڙي خوبصورت تشبيهه جو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ وڻن کي شرابيءَ وانگر جهومايو ويو آهي. هيءَ تشبيهه اڳ ۾ به استعمال هيٺ رهي آهي، مگر هتي نئون رنگ پَسائي رهي آهي.

راهه ۾ گهلندي گهلندي
وڻن سان هوائن الائي ڪيون ڪهڙيون سرگوشيون
جو شرابيءَ جيان
ڪيف مستيءَ ۾ جهومڻ لڳا.[14]

آزاد نظم 'روشنيءَ جو سفر' به مشهور آهي، جنهن ۾ هڪ هنڌ ننڍ کي موت سان مشابهت ڏني وئي آهي، پر ڪيس زندگيءَ جي پهاڻ چئي استعاراتي حُسن پڻ بخشيو ويو آهي. ننڍ کي موت سان پيٽ ٻئي هنڌ به ڏني وئي آهي. هِن کي ٻِٽي تشبيهه

بہ چئي سگھجي ٿو .ٻئي هنڌ فنڪار جي دل کي آئيني سان پيٽ ڏني وئي آهي. آئينو اڇو اُجرو، صاف سُٿرو جھڙو چھرو اھڙو ڏيک ڏيندو آهي.

وري اُونداهه انهن غارن ڏي واپس ٿي وئي آهي
جتي بس ننڍ آهي، ننڍ جيڪا موت وانگر
زندگيءَ جي پھاڻ آهي.
.....۽ اوهين شيشہ گريءَ جو فن نہ ٿا ڄاڻو
هتي فنڪار جي آئيني جھڙي دل
سھي ٿي چوٽ پٿر جي![15]

نظم ' ز ن ج ي ' ۾ امداد حُسينيءَ پنهنجي اُداس ۽ اڪيلي گذرندڙ زندگيءَ کي اڄ جھڙي اُداس اڪيلي گذرندڙ زندگيءَ سان پيٽيو آهي. ڪلھ ۽ اڄ جي زندگي بلڪُل اڳ جھڙي، ڪو فرق قيرو نہ آيو اٿس، محبوب هُوندي بہ، تہ نہ هُوندي بہ" ساڳيا چُڳھ ساڳيا لاٽون "واري صورتحال آهي.

زندگي
اڄ بہ
اڪيلي ۽ اُداس آهہ
اِيئن ڪالھ هُئي
جيئن اي دوست.[16]

آزاد نظم ' سج اُڀرڻ تائين ' ۾ هِڪڙي من مُهٽي ۽ فڪري سگھ رکندڙ تشبيھ جو استعمال ڪيو ويو آهي. شاعر وصل /ميلاپ کي سَچَ سان پيٽيو آهي. سچ ڳالھائڻ، هضم ڪرڻ ٻنهي صورتن ۾ ڏکيو ڪم آهي. وصل جي اُميد پري پري تائين ناممڪن هُجڻ معنيٰ ڏکيو ڪم آهي. هِن شعر ۾ تشبيھ نئين انداز سان ڪَتب آندي وئي آهي.

ڪيستائين عشق ترسي رات جا تارا تڪي
ڪير ايندو وصل آهي سَچ وانگر ڏُور ڏُور.[17]

نظم ' سورج گرھڻ ' ۾ تمثيلي انداز واري تشبيھ استعمال ڪئي وئي آهي. هيءُ نظم تاريخي پس منظر رکندڙ آهي. اڄ جي دؤر ۾ يسوع جھڙو ڪردار نہ آهي جيڪو هلندڙ دؤر ۾ سنگسار ٿيندڙ ناريءَ کي بچائي ۽ هجُوم کي اهو چئي عورت کي آڇپو ڏياري، تہ" هن کي اهو هٽي پٿر جنهن ڪڏهن ڪو گناهہ ڪيو نہ هُجي ".شاعر هن نظم ۾ تمثيل جي طاقت سان ڪردار کي دورِ حاضر جو حُسن عطا ڪيو آهي:

اڄ تہ پٿرن جو آهہ وَسڪارو
اڄ تہ هر جسم جو نيل نيل آهي
ڪير آهي جو تو جيان هاڻي
چئي" :هن کي اُهو هٽي پٿر
جنهن ڪڏهن ڪو گناهہ ڪيو نہ هُجي."[18]

نظم ’ شرط ‘ ۾ هڪ ئي ٽڪري منجھ نهايت خوبصورت ۽ پُر جمال فڪري سونهن جو سواد ڏيندڙ ۽ تشبيهون استعمال ڪيون ويون آهن، جن کي پڙهي دل دماغ ۾ حُسن جون حقيقتون پڌريون ٿيڻ لڳن ٿيون .شاعر پنهنجي محبُوب جي اکين کي ڪڏهن ڪنوَل گل ۽ بعضي غزل جھڙيون ٿو سمجھي.

زندگيءَ جي ميري بينل ڏندِ ۾
تون نہ ڏس تنهنجون ڪنوَل جھڙيون اکيون
تون فقط تارن کي ڏس، سورج کي ڏس
تون نہ رو، تنهنجون غزل جھڙيون اکيون.[19]

آزاد نظم ’ طلسم ‘ ۾ پيرن کي پشم سان پيٽ ڏني وئي آهي. هتن کي پشم سان پيٽڻ واري ڳالھ عام جام آهي، پر پيرن کي پشم سان مشابهت شاعراڻي دل جي سُڻي ڪيفيت ۽ مودِ جو اُڇاڻ ڇئي سگھجي ٿو:

چانڊوڪين جون نرم ۽ نرمل پريون
پشم جھڙا جن جا حسين پير
اڻ ڇُھيل گورا بدن.[20]

’ڪير ڇاڻي‘ ۾ اکر کي نگر سان پيٽيو ويو آهي، جنھن جا سوين رنگ ۽ هزارين معنائون ٻُڌايون ويون آهن جنھن کي وري مور جي رنگ برنگي پَرن سان تشبيھ ڏئي سون تي سُھاڳي وارو ڪم ڪيو ويو آهي.

انت پاتال جا ڇڏي گھوري
هر اکر ڇڻ ته هڪ نگر آهي
رنگ سھسين هزار معنائون
هٿ ۾ ڇڻ ته مور _ پَر آهي. [21]

هِن مثال ۾ هر لکيل سِٽ کي هٿ جي ريک سان پيٽيو ويو آهي.

لکندس پيو ليک
هر لکيل سِٽ لڳي ٿي ته هُجي ڇڻ هٿ _ ريک.[22]

’جيڻ نہ مرڻ ‘ ۾ ڪَن ۾ ڪيل سُس پُس کي ماکيءَ لار سان پيٽڻ، خاموشيءَ کي آڳرين جي وچ ۾ هُئڻ ۽ دُکندڙ سگريٽ سان تشبيھ ڏني وئي آهي.

۽ ڪَنَ ۾ اھڙي ڳالھ چوَڻ
جھڙي ماکيءَ لار ڳڙَڻ
وَڻن سان ٻہ نہ سُور سَلڻ
ڇڻ ٻن آڳرين جي وچ ۾ هُئڻ
سگريٽ وانگي دُکندو رهڻ.[23]

ڪتاب ’ ڪرٽي جھڙو پَل ‘ جڏھن اِيپاس هيٺ آندو ويندو، تہ اُتي ٻہ تشبيھن جون ٽوڪريون پريل ملنديون. ’سپنا ٿي ويا سچ‘ نظم ۾ ڪُل ٻن تشبيھن جو استعمال ڪيل ٿو ڏِسجي. هِن شعري ڪتاب ’ڪرٽي جھڙو پَل‘ جي هِن نظم ۾ هي پھريون ٻہ تشبيھون آهن .سُرَ تارن وانگر ڇڻندي ۽ ٽھڪ گُلن جي مُڪڑين وانگر ڦڙڻ جي خيال کي ظاهر ڪيو ويو آهي. هي تشبيھون جمالياتي جھريءَ جيان محسُوس ٿين ٿيون، جتان تڏيرڙي ۽ هلڪي واسنا ونڻ وٽان هُوندي آهي. هي نظم پڙهي محسوس ٿئي ٿو

ڄڻ هن نظم جا تخليقي سر ڇيڙي رهيا آهن، ۽ پيرن ۾ پازيب / پايل / رمجهول پاتل آهن جيڪي عجيب، وڻندڙ ۽ مڌر آواز جهڙو جادو رکندڙ آهي.

سپنا ٿي ويا سچ سمُورا
ٿي ويا پُورا گيت اڌورا
تارن وانگر سُرَ ڇڙي پيا
مُکڙين وانگر ٽهڪ ٽڙي پيا.[24]

شعري اسم ’ ليکڪ ‘ ۾ شاعر نيل ڪمل ۽ پکين ۾ هنجهه پکيءَ ۽ سٽن کي هٿ لڪير يا تقدير سان ڀيٽيو ويو آهي. اهڙي ڪم کي شاعر خوبصورت ۽ ڪار آمد سمجهي ٿو.

جنهن جي پاڙ اَٽهيئي ويندي اُونهي ڌرتيءَ منجهه
نيل ڪمل جنءَ نرمل نرمل، پکين ۾ جنءَ هنجهه
لِکڻ لَکڻ سين جن بدلائي، ماڻهن جي تقدير
ڪيڏي سِڪ سين سِٽ لکيائون، جهڙي هٿ _ لڪير.[25]

هن نظمي فڪري ٽُڪري ’ رات ‘ ۾ شاعر پنهنجي پِيڙا ۽ ڏک کي سگريٽ جي دُکڻ سان ڀيٽيو آهي. هيءَ تشبيهه ٻه ڀيرا ڦيرائي ڦيرائي ڪَتب آندي وئي آهي.

سڄي رات
دُکندو رهيو هو _ هُو به سگريٽ جيان
کوڙ ڀيرا سوچيو هُئائين
ته ڇڏي ڏيندو
سگريٽ ڇڪڻ
۽ سگريٽ جيان دُکڻ![26]

نظم ’ ڏات ته تنهنجي تات آ ‘ ۾ بغير ڏات واري ڪوِتا / شعر کي، ڌڻيءَ سوا ڌڻ سان ڀيٽيو ويو آهي ۽ ٻئي هنڌ ڀڳل هانءَ کي لکجڻ کان رهجي ويل ڪوري ڪاڳر سان ڀيٽيو ويو آهي.

ڏات بنا ڪويتا ايئن، ڌڻيءَ بنا جئن ڌَڻَ،
پري پري تائين رڳو، اَلف اُگهاڙا وَڻَ.
اڳي ڀڳو نه هُئو ڪڏهن، هانءُ اسان جو هيئن،
ڪورو ئي رهجي ويو، ڪاڳر جنءَ جو تيئن.[27]

’هاڻ ته هليا ‘نظم ۾ شاعر سوچن لوچن کي گرم سيخن تي ٽنگيل چهري سان ڀيٽيو آهي ۽ گُهٽ ٻُوسٽ کي لُڪيءَ ۾ ساهه ۽ تن جي تشنگيءَ کي مينهن لاءِ واجهائيندڙ جيت، پکي تاڙي جي تنوار سان ڀيٽيو آهي.

هاڻ ته جانان
سوچون لوچون
سيخن تي ڄڻ ماهه هُجي
گُهٽ ٻُوسٽ

لُڪيءَ ۾ جڙ ساهه هُجي!

هاڻ تہ جانان

تن تو تاڙي وانگي تاڙي. [28]

'مون گيت لکيو آهي ' !۾ شاعر محبُوب جي مِڻين ڳالهين کي ماکيءَ سان پيٽيو آهي.

ان ۾ آهي ذڪر سُهاين راتين جو

ماکيءَ جهڙين مِڻڙين باتين جو. [29]

'اوندهه جو گهاءُ!' اُهو شعري اسم آهي جنهن ۾ چار پيرا تشبيهون استعمال ڪيون ويون آهن، جن ۾ ڏيئي کي اوندهه جي گهاءَ جهڙي فڪري پيٽ ڏني وئي آهي. پر هيءُ آهي خوبصورت استعارو، جنهن کي وري چٽڙ لٽل، ڏامر جي رستي، سانوري سلُوٽي مکڙي تي چِٽيءَ جي چُٽي، ڪنهن ڪجراري چوريءَ جي اک ۾ ڪڻ ۽ ڏکڻ آمريڪا تي گورن انگريزن جي راڄ سان پيٽيو ويو آهي. استعمال ٿيل سموريون تشبيهون نئين دور جون آهن.

ڏيئو آ اوندهه جو گهاءُ

جنءَ ڪنهن ڏامر جي رستي جو چٽڙ لٽل

جنءَ ڪنهن سانوري سلوٽي مُکڙي تي چِٽيءَ جو چٽو

جنءَ ڪنهن ڪاريءَ ۽ ڪجراريءَ اک ۾ ڪلو

ڏيئو آ اوندهه جو گهاءُ

جنءَ ڏکڻ افريقا تي گورن جو راڄ! [30]

'چند نشي ۾ چور ' ۾ شاعر پاڻ کي گهاٽي سائي ٻُور ۽ گونچ مثل وڻ سان پيٽيو آهي. هِن قسم جي تشبيهه ۾ انفراديت فقط امداد جو فني جمال چئجي.

آءُ تہ تڏڙي جانوَ ڪيانءِ، آ تہ لهون ٻئي لانوَ،

جڙ تہ آهيان وَڻُ، ڦُٽا تُم گونچ، جهليو تُم ٻُور. [31]

'مُور نہ ٽيندس ڏُور ' ۾ شاعر محبُوب جي اکين کي مُکڙين سان پيٽيو آهي.

مُور نہ ٽيندس ڏُور

او سُهٽا من مُهٽا سُپرين، مکڙين جهڙين بن اکڙين سان،

وري به هِڪڙو پيرو گُهور! [32]

'تو بن جيوَن ' ۾ زندگيءَ کي بيابان، جسم کي ٽڙ ۽ ٻانهن کي وڻ جي ڏارن سان پيٽيو ويو آهي ۽ رات کي قَٽيل سُوئر سان سهمتيو ويو آهي.

تو بن جيوَن جهڙو ڪر بن

جسم هُجي جڙ ٽُڙ ۽ ٻانهن ڏار

قٽيل سُوئر جهڙي رات

چئني پاسي وَڄ وَڄن تا. [33]

'سات جُدائيءَ وانگي ' !پنهنجي سِر پاڻ سُهٽي تشبيهه آهي، جڏهن تہ جيوَن کي بنواس، قرب کي دوري، همدم کي عام ماڻهن ۽ جيوَن کي بکواس سان پيٽيو اٽائين.

قرب دوريءَ جيان ۽ ساٿ جُدائيءَ وانگي!
ڪو وچن ناهہ مگر پوءِ بہ بنواس لڳي ٿو جيوَن
تون بہ مون لاءِ جڏهن ٿي ٿي وڃين ماڻهن جان
بيوقوفي ٿو لڳي پيار ۽ بڪواس لڳي ٿو جيوَن.[34]
هت ڏُور ويل محبُوب کي ڪنهن ستاري جي سوجهري سان ڀيٽيو اٿائين.
طئي ڪيل فاصلو
ڪنهن ستاري جي روشنيءَ وانگي
ڪيترو دُور کان هليو آهيان.[35]
چنڊ بہ ساڳيو :هِت ٻنهي اکڙين کي مُکڙين سان ڀيٽ ڏنل آهي.
چهرن تي چانڊاڻ بہ ساڳي، ساهن ۾ سُرهاڻ بہ ساڳي،
مُکڙين جهڙين ٻن اکڙين جا شوخ اشارا ساڳيا آهن.[36]
هن شعري مثال ۾ مينهن ۽ نينهن جو قدر هڪ ڪَرو ڪيو ويو آهي.
مينهن بہ آهي نينهن جيان، ڀِٽ ڌڻي فرمايو ڙي،
بادل پياسي ڌرتيءَ تي، امرت رس برسايو ڙي، سانوَل آيو ڙي. [37]
’سٻنڌ ‘ٽانڊاڻي جهڙو ننڍڙو نظم آهي پر نينهن جي نشاني چئي سگهجيس ٿو .امداد حُسينيءَ هِت پنهنجي تڪليف کي سگريٽ مان سگريٽ دکڻ سان ڀيٽ ڏني آهي.
جنءَ
سگريٽ مان
سگريٽ دُکي
تنءَ
تو مان آءٌ دکيو آهيان ![38]
’ڪرٽ ڪري ڪرڙاٽ ‘بہ تشبيهن جي ليکي ۾ آڻي سگهجي ٿو.
ڄيري ڄَرَ ڄَراٽَ، ٻهران آءٌ اُجهاڻل
اندر جهڙو کورو کامي،
مٿان وَسي ٿي ماٽَ، ٻهران آءٌ اُجهاڻل![39]
هِن ۾ فراق کي گلاب جي گل سان تمثيلي انداز ۾ تشبيهہ ڏني وئي آهي. ان کان علاوه وجُود ۾ وَڄندڙ واڄي کي چَڙي لار سان ڀيٽيو اٿائين.
هي جو نِيَرُ نينهن جو.....
مُور نہ ڀانيان سومرا، ماڙيون مِٽيءَ مَٽُ،
ڦوڙائي جو ڦَٽُ، جهڙو گُل گُلاب جو!
کيانتل آندي خير جي خاصي خبر چار
واڄو وَڄي وجُود ۾، جيئن چَڙي جي لار.[40]

اُردو ٻوليءَ ۾ لکيل شعري مجمُوعي ’ ڏوپ ڪرن ‘۾ بہ امداد حُسيني صاحب پاران تشبيهون استعمال ڪيون ويون آهن . ’صورتحال‘۾ هر ماڻهوءَ کي فردِ جُرم سان ۽ هوا کي ڏڻي آهہ سان پيٽيو ويو آهي.

ہر طرف فردِ جُرم جیسے فرد

اور ہوا جیسے کوئی آہِ سرد(41)

’دوري ‘۾ شاعر پاڻ کي آنڌاريءَ ۾ سُڪل پن ۽ سُکيءَ تي ڦٽڪندڙ مڇيءَ سان پيٽ ڏڻي آهي. طوفان ۾ سُڪل پن واري تشبيهہ نڪور ۽ امداد حُسينيءَ جي پيداوار ئي آهي. امداد جي شاعريءَ ۾ تشبيهن جو وڏو خزانو موجُود آهي.

فون اُٹھاتا ہوں

ادھر سے وہ کہتی ہے:

"کیسے ہو؟"

دل کہتا ہے اس سے کہہ دوں

)آندھی میں سوکھا پتاجیسے

تم بن میں بھی ایسے

مچھلی خشکی پر تڑپے جیسے

تم بن میں بھی ایسے(!

لیکن میں بس" -مس یوالاٹ، "کہتا ہوں--- فون رکھتا ہوں!

’ممنوع ‘۾ سنڌو نديءَ کي پاڻ وانگر غُلام ڇئي پيٽي ٿو.

ندی جو میری ہی بٹاؤں سے پھوٹ بھی تھی

اور میرے اندر کے سمندر میں سما گئی تھی

وہ اب آزاد نھیں

وہ بھی ہے غلام

میری طرح!(42)

هِت اکين کي سمُنڊ سان پيٽي ٿو.

آنکھیں

ساگر جیسی نیلی آنکھیں

پر ساگر سے گہری آنکھیں(43)

شعري نمُوني ’ گائون کي ياد ‘ ۾ خارجي روشنيءَ کي اوندھ ۾ ٽمڪا ڏيندڙ ٽانڊاٽي جي روشنيءَ سان پيٽيو ويو آھي.

روشنی ٹمٹمائی جاتی ہے،

ایسے جیسے کوئی جگنو۔(44)

محبُوب جي ملڻ جي گھڙيءَ کي صحرا ۾ آيل بھار سان پيٽي ٿو .ھِن شعر جي ڪيفيت سمجھڻ سان واقعي ۽ سَرير ۾ سَرھائي محسُوس ٿيندي.

ساعتِ وصلِ یار آئی گئی

جیسے بن میں بھار آئی گئی(45)

ھِت شاعر ڏور جبلن ۾ ٽھيل گھر کي ماچيس سان پيٽ ڏني آھي. هيءَ تشبيھ ۽ بلڪُل نئين نڪور آھي.

نیلی گہری آنکھوں کے نام

وہ دیکھو دور، پربت پر، وہ گھر

ماچس کی ڈبیا جیسا لگتا ہے!(46)

ھِن شعري مثال ۾ امداد صاحب بندوق جي نالي‌ءَ کي انڌيري رات سان پيٽيو آھي. ھِن مثال ۾ وانگر، وانگيان، جيئان وغيره جو استعمال ڪيل نہ آھي، پر هيءُ ۽ Simile جو ئي نمُونو آھي. هيءَ نت نئين تشبيھ آھي.

نہ لکھا جائے ہے ہم سے

اندھیری رات ہے یا ہے کوئی بندوق کی نالی

کہ سوچا جائے ہے ہم سے نہ جاگا جائے ہے ہم سے۔(47)

نتيجو:

سنڌي شاعريءَ ۾ تشبيھن ۽ استعارن جي واھپي جي روايت تمام گھٹي پُراٹي آھي. استعارا ۽ تشبيھون نثر توڙي نظم کي جلا بخشن ٿيون .امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ ۾ تشبيھن جو ھِڪڙو حَسين ڪھڪشان نظر اچي ٿو .سندس جُملي ڪلام ۾ تشبيھن جو استعمال ڪيس تخليقي ۽ جمالياتي سطح تي وڌيڪ سُھٽو من مُھٽو ڪري پيش ڪري ٿو .ھُن پنھنجي شاعريءَ ۾ پنھنجي طرفان شعوري ڪوشش ونڊي ڪوڙ ساتريون نت نيون، حُسناڪ، فڪري، بامقصد تشبيھون جوڙي، انھن کي پنھنجي شاعريءَ جي شاھي باغ ۾ سُوڏي سنواري استعمال ڪيو آھي. امداد جي شاعريءَ ۾ نظر ايندڙ تشبيھون ڏياريءَ جي ڏڻ تي ڪنھن قديم مندر ۾ ٻاريل ڏيئن جھڙو سُرخ ۽ پيلو منظر پيش ڪندڙ آھن .امداد شاعر آھي ۽ ھر وڏو شاعر پنھنجي ٻوليءَ جي حفاظت کان علاوه منجھس استعارن، تشبيھن، محاورن ۽ اصطلاحن سان آراستا ڪرڻ جي اڃا رکي اھڙا تجربا ڪري پنھنجي ماءُ ٻوليءَ کي شاھُوڪار بٽائيندو آھي. امداد ۽ پنھنجي حصي جو ڪم ڪري ڏيکاريو آھي ۽ اھڙي موقعي تي ھُن ڪوڙ سارا اصطلاح، تشبيھون، محاورا ۽ استعارا گھڙي پنھنجي شعري باغ جي ٻاريءَ ۾ گلن جيان سجايا آھن .مثلاً: بيمار سِڙن وانگي، ڪير جھڙو لباس، شاعر چند وانگر، اوگھڙ کي ولين وانگر، ھانو پگھو جڙ ٽانو پگھو، ڳاھن تي جيئن ڳوڙا، راھُو، راھُوڪي، سُڳندَ جيئن

گلاب سين، ڪنهن طوائف جي وسترن وانگي، چنڊ کي جند، رات کي دانگيءَ ۽ انڌيري رات هي يا ڪوئي بندوق کي نالي وغيره سان تشبيھ ڏني اٿائين.

حوالا

(1) Penguin Dictionary of Literary Terms & literary theory, 1992, P. 880.

(2) جمال، انور، پروفيسر، ' ادبي اصطلاحات'، نيشنل بُڪ فائونڈيشن،2014ع، ص: 72، 73 .

(3) ميمڻ، فهميده، ڪلاچي تحقيقي جرنل، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيئرو، ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر2003ع، ص: 55 .

(4) فيروزاللغات، فيروز سنز، ڪراچي، ص: 361 .

(5) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 9 .

(6) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 19 .

(7) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 22 .

(8) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 23 .

(9) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 29 .

(10) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 41 .

(11) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 27 .

(12) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 61 .

(13) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 65 .

(14) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 79 .

(15) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 81 .

(16) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 85 .

(17) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 87 .

(18) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 89 .

(19) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 90 .

(20) حُسيني، امداد، ' امداد آهي رول'، سنڌ اڪيڈمي حيدرآباد،1976ع، ص: 91.

(21) حُسيني، امداد، ' هوا جي سامهون'، روشني پبليڪيشن،2000ع، ص: 341 .

(22) حُسيني، امداد، ' هوا جي سامهون'، روشني پبليڪيشن،2000ع، ص: 342 .

(23) حُسيني، امداد، ' هوا جي سامهون'، روشني پبليڪيشن،2000ع، ص: 344 .

(24) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2012ع، ص: 42 .

(25) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2012ع، ص: 44 .

(26) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2012ع، ص: 46 .

(27) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2012ع، ص: 48 .

(28) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2012ع، ص: 50 .

(29) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2012ع، ص: 52 .

(30) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2012ع، ص: 54 .

(31) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2012ع، ص: 55 .

(32) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 56 .
(33) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 57 .
(34) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 58 .
(35) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 340 .
(36) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 341 .
(37) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 345 .
(38) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 348 .
(39) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 349 .
(40) حُسيني، امداد، ' ڪرٽي جھڙو پَل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع، ص: 349 .
(41) حُسيني، امداد، ' ڏوپ ڪرن'، شھرزاد ڪراچي، 2014ع، ص: 72 .
(42) حُسيني، امداد، ' ڏوپ ڪرن'، شھرزاد ڪراچي، 2014ع، ص: 74 .
(43) حُسيني، امداد، ' ڏوپ ڪرن'، شھرزاد ڪراچي، 2014ع، ص: 96 .
(44) حُسيني، امداد، ' ڏوپ ڪرن'، شھرزاد ڪراچي، 2014ع، ص: 98 .
(45) حُسيني، امداد، ' ڏوپ ڪرن'، شھرزاد ڪراچي، 2014ع، ص: 100 .
(46) حُسيني، امداد، ' ڏوپ ڪرن'، شھرزاد ڪراچي، 2014ع، ص: 142 .
(47) حُسيني، امداد، ' ڏوپ ڪرن'، شھرزاد ڪراچي، 2014ع، ص: 150 .